ABC Certified
ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر مان هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ
Daily EKTA Karachi
چيف ايڊيٽر: محبوب عباسي
روزاني
ايڪتا
ڪراچي
Wednesday, May 29, 2024
سال 13 ـ شمارو 119، اربع، 29 مئي 2024 ع، بمطابق 20 ذوالقعد 1445 هه
قيمت 20 روپيا

# سنڌ جي جيلن ۾ سڌارا آندا پيا وڃن، تعليم، صحت سميت پيا ادارا سڌارن لاءِ ڪوشان آهن: چيف سيڪريٽري

## وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه جي گڏيل صدارت هيٺ جيلن ۾ سڌارن بابت اهم اجلاس ٿيو

## اجلاس ۾ وفاقي محتسب جي سينيئر صلاحڪار انور حيدر، سيڪريٽري صحت، آءِ جي جيل ۽ گهرو کاتي سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

## قيدين کي معياري خوراڪ فراهم ڪرڻ جي بجيٽ 1200 ملين مان وڌائي 2400 ملين ڪئي وئي آهي: آصف حيدر شاهه

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي ۽ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه جي گڏيل صدارت هيٺ جيلن ۾ سڌارن بابت اهم اجلاس سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ٿيو اجلاس ۾ وفاقي/

ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر 32



ڪراچي. چيف سيڪريٽري ۽ وفاقي محتسب اجلاس جي صدارت ڪندي



محتسب جي سينيئر صلاحڪار انور حيدر، سيڪريٽري صحت، آءِ جي جيل ۽ گهرو کاتي سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه چيو ته سنڌ صوبي جي سمورن جيلن ۾ سڌارا ڪيا پيا وڃن. تعليم، صحت، سماجي ڀلائي ۽ سول سوسائٽي جا ادارا سڌارن لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. هن چيو ته جيل سڌارن لاءِ مانيٽرنگ ڪميٽيون به ٺاهيون ويون آهن، جن ۾ عدليه، سول سوسائٽي، تعليم ۽ صحت جا ماهر ۽ مخير حضرات شامل آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سمورن جيلن ۾ آڊيو ۽ وڊيو لنڪ سسٽم لڳايو ويندو جنهن سان وڊيو لنڪ ذريعي قيدين سان ملاقات ۽ عدالت ۾ پيش ٿيڻ ممڪن ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ نئين جيل جي تعمير لاءِ 500 ايڪڙ زمين به جلد مختص ڪئي ويندي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه وڌيڪ ٻڌايو ته قيدين کي معياري خوراڪ فراهم ڪرڻ جي بجيٽ 1200 ملين مان وڌائي 2400 ملين ڪئي وئي آهي. صوبي جي 22 جيلن لاءِ 22 نگران ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن. جيلن ۾ 2824 قيدين کي پرائمري کان ماسٽرس ۽ ووڪيشنل ڪورسز جي تعليم ڏني پئي وڃي. ڪراچي سينٽرل جيل ۾ عورت قيدين لاءِ گوگل ۽ ايمازون ڊجيٽل ڪورس پڻ ڪرايا پيا وڃن. اجلاس ۾ وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي سنڌ حڪومت جي جيلن ۾ سڌارن جي ساراهه